XXX

١٩٤٥
١٩٧٥

# سي ئي سورهيه سچ جا

حمايت الحسين نوراني
ايم. اي. پي ايڇ
جامشورو

# سي ڏي سورهيه

# سچ جا

هي ڪتاب سوويت اطلاعات کاتي ڪراچي طرفان، وفائي پرنٽنگ پريس ڪراچي مان ڇپائي ۴۳/۴ ايڇ، بلاڪ ۶، پي - اي - سي - ايڇ - ايس ڪراچي مان پڌرو ڪيو ويو.

ڇاپيندڙ :- مسٽر علي نواز وفائي، وفائي پرنٽنگ پريس، پاڪستان چوڪ، ڪراچي.



**ل-ا- برزنيف**

جنرل سيكريتري ، مركزي كاميتي سوويت كميونست پارتي

[فاشزم تي سوڀ پاڻڻ جي ٣٠ هين سالگره تي سوويٽ
ڪميونسٽ پارٽي جي جنرل سيڪريٽري ليونڊ برزنيف،
جي تقرير ۽ ڪميونسٽ پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي،
سوويٽ يونين جي پريزيڊيم ۽ سويت حڪومت جي،
دنيا جي عوامن، حڪومتن ۽ پارليامينٽن کي اپيل]

# ليونڊ برزنيف جي تقرير

پيارا هم وطنو
پيارا جنگي سورمو
معزز پرڏيهي مهمانو!

اڄوڪن خوشيءَ وارن ڏينهن ۾ هر سوويت مرد ۽ عورت، هر سوويت ڪٽنب ۽ اسان جو سڄو عوام ۱۹۴۵ع جي مئي واري مهيني جون اڻ وسرندڙ يادون دهرائي رهيا آهن. اسان اهو عظيم جوش ۽ خروش ڏيکاري رهيا آهيون جيڪو اسان جي ماڻهن ڊگهي ۽ خطرناڪ جنگ ڪانپوءِ ۽ مشڪلاتن مان لنگهي امن حاصل ڪرڻ وقت حاصل ڪيل خوشي جي روپ ۾ ظاهر ڪيو هو.

اسانکي جنگ جي ڪابه ضرورت ڪانه هئي، پر جڏهن جنگ شروع ٿي ته سوويت عوام وڏي جرات وچان جارحيت ڪندڙن خلاف زندگي ۽ موت جي ويڙهه شروع ڪري ڏني.

هٽلري جنگي درندن اسان جي خلاف هيبتناڪ فوجي مشينري استعمال ڪري ڏني. هن سوويت يونين تي خاص زور ۽ طاقت سان حملو ڪري ڏنو جنهن جو نه اندازو لڳائي سگهجي ٿو ۽ نه ان کي لفظن ۾ بيان ڪري سگهجي ٿو. اڄڪلهه ڇئن سالن تائين تاريخ ۾ اڻ لڀ طاقت واريون لڙايون جن ۾ ڪروڙين انسان ملوث رهيا، جاري رهيون.

سوويت هٿياربند فوجن ماسڪو ۾ حملي آور فوجن کي شڪست ڏيئي، لينن گراڊ کي بچائي، اسٽالن گراڊ جي بهادرانه جنگ ۾ دشمن کي منهن ٽوڙ جواب ڏيئي، ڪرسڪ ۽ اوريل بلج واريون لڙايون وڙهي، ڪورسن-شيو چينڪوفسڪي فوجي مهم ۾ دليرانه رول ادا ڪري، برلن تي فاتحانه حملو ڪري ۽ جنگ جي تاريخ ۾ اڻ وسرندڙ ڪيترين ئي لڙاين ۾ دشمن کي شڪست ڏيئي وڏي عظمت ماڻي ورتي.

نهايت سنگين صورتحال ۾ به سوويت عوام پنهنجي ملڪ جي وقار ۽ آزادي جي حفاظت ڪري ورتي، آڪٽوبر انقلاب جي فائدن کي بچائي ورتو ۽ ان عظيم مقصد جي حفاظت ڪئي جيڪو لينن اسانکي ڏنو هو.

سوويت عوام جي بهادرانه جدوجهد ٻي مهاڀاري جنگ جي صورتحال ۾ تڪڙيون تبديليون آڻي ڇڏيون. هن

جنگ جي ويڙهه ائٽلانٽڪ کان پئسفڪ سمنڊ تائين ڦهليل هئي، گرين لئنڊ جي آئيس فيلڊ کان آفريڪا جي رڻپٽ تائين ان جو دائرو رهيو، پر سوويت-جرمن محاذ سچي جنگ جو خاص ميدان رهيو. اهوئي جنگ جو ميدان هو جتي نه رڳو سوويت عوام پر پوري انسانذات جي تقدير جو فيصلو ٿيو. هي سالگره فاشزم خلاف لڳل جنگ ۾ حصو وٺندڙ سڀني ماڻهن لاءِ خوشيءَ جو ڏينهن آهي.

ان خوشي جو اظهار اڄ هتي محسوس ٿي رهيو آهي جتي ڪيترن ئي ملڪن جي پارٽين، سرڪار، فوجن ۽ عوام جي نمائندن شرڪت ڪئي آهي. سوويت عوام دل جي گهراين سان پنهنجن انهن پرڏيهي مهمانن جي آجيان ڪري ٿو جيڪي هن ملڪ گير خوشي ملهائڻ واري موقعي تي اسان سان گڏ خوشيون ورهائڻ آيا آهن.

اسان هال ۾ پنهنجن سوشلسٽ پاڙي ملڪن بلغاريا عوامي رعيتي راڄ، هنگري عوامي رعيتي راڄ، جمهوري رعيتي راڄ ويٽنام، جرمن جمهوري رعيتي راڄ، ڪورياڻي عوامي جمهوري رعيتي راڄ، ڪيوبا جي رعيتي راڄ، منگوليا جي عوامي رعيتي راڄ، پولنڊ جي عوامي رعيتي راڄ، رومانيا جي سوشلسٽ رعيتي راڄ، چيڪوسلواڪيا جي سوشلسٽ رعيتي راڄ، يوگوسلاويا جي سوشلسٽ

وفاقي رعيتي راڄ جي وفدن کي دلي مبارڪون ڏيون ٿا.

اسان هٿلر دشمن اتحادي ملڪن کان آيل معزز مهمانن کي به مبارڪون ڏيون ٿا جيڪي برطانيه، امريڪا ۽ فرانس آهن. سويت عوام کي هتي انهن ساٿين کي ڏسي ڏاڍي خوشي محسوس ٿي رهي آهي جن هٽلري جارحيت پسند ۽ غلام بنائيندڙ درندن خلاف اسان سان گڏ هٿيار کنيا هئا.

ڪميونسٽن جي قيادت ۾ يوگوسلاويا جي عوامي آزادي وارين فوجن، پولنڊ جي محب وطن فوجي جٿن ۽ فوجي امر انسانن، چيڪوسلواڪيا جي بهادر فوجن سلاواڪيا ۾ اپار وارين فوجن، رومانيا ۽ بلغاريا جي آزادي پسند فوجن، البانيا جي عوامي آزادي واري جدوجهد، فرانس، اٽلي ۽ ٻين ملڪن ۾ گوريلن جون ڪارروايون ۽ زير زمين هٽلر دشمن فوجي گوريلا ڪارروايون سڀني گڏجي سويت عوام جي جدوجهد جو سات ڏنو جنهن ڪري يورپ جي مٿاڇري تان گند ۽ لٽ لهي ويئي.

فاشزم جي ڪچلجي وڃڻ ڪري ڪيترن ئي ملڪن جي عوام تي گهرو اثر ظاهر ٿيو ۽ دنيا جو نقشو بدلجي ويو. ڪيترائي ملڪ فاشسٽ غلامي مان آزاد ٿيا ۽ پنهنجي آزادي ماڻيائون.

پولنڊ، چيڪوسلواڪيا، يوگوسلاويا، بلغاريا، هنگري رومانيا، البانيا، جرمن جمهوري رعيتي راڄ، عوامي رعيتي راڄ چين، ويٽنام ۽ اتر ڪوريا کي سوشلسٽ ترقي واري راه هموار ٿي ملي وئي. عالمي سوشلسٽ نظام کي تقويت ملي. بين الاقوامي زندگي نون قانونن سان نئين سر شروع ٿي ويئي.

ان کانپوءِ ترقي پسند جمهوري ۽ امن وارين قوتن کي سڄي دنيا ۾ مضبوطي نصيب ٿي آهي. هر هنڌ ڪميونسٽ پارٽين جو اثر ۽ زور وڌيو آهي. پورهيت عوام جي تحريڪن کي جمهوريت ۽ پورهيت عوام جي زندگي جي معيار اوچي ڪرڻ وارن مقصدن ۾ وڏيون قربانيون نصيب ٿيون آهن. جنگ کان ترت پوءِ بيٺڪي رياستن ۾ تاڪوڙو پڇجي ويو ۽ هڪ سلسلو شروع ٿيو جنهن عالمي بيٺڪيت کي ذري گهٽ ختم ڪري ڇڏيو آهي.

ويهين صدي دوران اسان جي ملڪ دنيا جي جوڙجڪ ۾ دفعا ڏني آهي.

اهوئي ڪجهه ١٩١٧ع ۾ ٿيو جڏهن آڪٽوبر انقلاب جي فتح انسانذات جي نئين تاريخي دور کي شروع ڪري ڏنو. اهوئي ڪجهه ١٩٤٥ع ۾ ٿيو جڏهن تہ فاشزم کي ختم ڪرڻ ۾ سويت يونين آخري ۽ فيصلہ ڪن

رول ادا ڪيو ۽ ان ۾ ڪاميابي حاصل ٿيڻ ڪانپوءِ سڄي دنيا جي مٿاڇري تي سماجي ۽ سياسي تبديلين جي ودر چڙهي آئي جنهن سڄي دنيا جي امن پسند طاقتن کي مضبوط ڪري ڇڏيو.

دنيا جي نظرن ۾ ان واقعن ڪانپوءِ سويت عوام جي عظيم محب وطن جنگ ۾ هٿيارن واري فتح جو مان ۽ شان وڌي ويو ۽ عظيم چٽي تي وئي. ان عظمت جا نشان تاريخ جي تهه تائين ڪٽل آهن ۽ وساري نٿا سگهجن.

ڪامريڊو! عظيم محب وطن جنگ ۾ جيڪا فتح حاصل ڪئي ويئي هئي اها اسان جي بهادر پورهيت عوام گڏ ٿيل کيتن جي آبادگارن ۽ هارين، دانشورن ۽ سموري گهڻ قومي سويت عوام جي فتح آهي. هي فتح سويت يونين جي عظيم هٿياربند فوجن جي فتح آهي جنهن جي پيدائش انقلاب سان ٿي آهي ۽ جنهن جو بنياد عوام ۽ پارٽي آهي. هي فتح سويت يونين جي فوجي سائنس جي فتح آهي. اسان جي لڙاڪو جٿن جي فتح آهي ۽ عوام مان اڀري ايندڙ اسان جي فوجي ڪماندرن جي هنر جي فتح آهي.

سويت سپاهي، آفيسر ۽ جنرل جنگ جي راهن تان وڏين مشڪلاتن مان لنگهيا هئا. انهن کي ڪن حالتن ۾ پوئتي هٽڻو پيو هو جيڪا ڳالهه روح کي آزاريندڙ

هئي . هيبتناڪ لڙايون هيون . جن ۾ ڏينهن مهينا ۽ سالن جا سال موت جو مقابلو ڪيو ويو. ٿڌي سياري ۾ سپاهين جي ڏکهي پيشقدمي، گرم اونهاري ۾ هنن جو منزل ڏانهن وڌڻ، اڻ کٽ برساتين ۾ دشمن جي پويان هلڻ ۽ بهار جي سهڻن لمحن ۾ ويڙهه ڪرڻ، اهو سڀڪجهه اسان جي هٿيار بند فوجن جي زندگي هئي .

تن ڏهاڪن ڪانپوءِ اڄ جڏهن سوچجي ٿو ته اعتبار نه ٿو اچي ته اهو سڀ ڪجهه اسان جي فوجن، ڪمانڊرن ۽ سياسي تعليم ڏيڻ وارن آفيسرن جي حصي ۾ آيو هو ۽ هنن ڪيئن ان کي برداشت ڪيو .

پر اسان برابر ان کي برداشت ڪيو . اسان سڀني آزمائش جو مقابلو ڪيو ۽ سڀني آزمائشن ۾ ڪامياب ٿي اسان فتح حاصل ڪئي . فاشسٽ حملي آور تباهه ٿي ويو .

اسان سڀني جن ان وقت گولين، بمن ۽ گولن جي منهن ۾ پيشقدمي ڪئي هئي تن اهو سوچي اڳتي وڌڻ جو عزم ڪيو هو ته اسان پنهنجيون حياتيون ڏيڻ چاهيون ٿا ته جيئن اسان جو وطن زنده رهي سگهي ۽ اسان جو عوام خوش ۽ آزاد رهي .

فتح جي منزل ڏاڍي اوکي هئي . ان جي راهه ۾ اسان

پنهنجا ڪيترائي ساٿي ڏيئا ڪيا ۽ اڄ اسان جون پهريون يادون انهن سان وابسته آهن جيڪي جنگ تي ويا هئا ۽ وري موٽي نه آيا. اهي شهيد، جن پنهنجي اباڻي سوشلزم واري ڌرتي جي بچاءَ ڪندي سر ڏنو.

جنگ واري وقت ۾ اسان جي موجوده دور کي جدا ڪندڙ وقت جون گهڙيون ڏينهون ڏينهن اسانکي انهن سپاهين جي سداحيات ڪارنامن جون يادون ڏياري رهيون آهن جن پنهنجون زندگيون زنده رهڻ لاءِ قربان ڪري ڇڏيون، جن آزادي، خود مختياري، پنهنجي ملڪ جي وقار ۽ سوشلزم لاءِ رت ڏنو. انهن شهيدن کي اسان دلين ۾ سانڍي رکيو آهي ۽ اهي هميشه اسان جي عمل ۽ دل ۾ جاءِ رکيو ايندا. اچو ته انهن شهيدن جي ياد ۾ اٿي بيهون.

اڄ جنگ جي انهن سورمن کي خطاب ڪندي اسان چوڻ گهرون ٿا ته: توهان پنهنجي ملڪ، پارٽي ۽ تاريخ جو فرض نهايت پروقار نموني پورو ڪيو آهي. توهان جي ڌرتي توهان جو ٿورو مڃي رهي آهي. توهان جا نالا سڄي دورن دوران سويت عوام جي بهادري وارن ڪارنامن ۾ ڳڻيا ويندا، هن تاريخ ۾ انهن جوڌن جا به نالا داخل هوندا جن عارضي طور والاريل علائقن ۾ فاشسٽ حملي آورن جو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو هو. انهن جوڌن

جا نالا اڄ اڳئين جنگ ۾ بهادري جي علامت طور اڀري آيا آهن.

جنگ جو مجموعي طور ڪردار اڏو ۽ پوئين محاذ وچ ۾ اتحاد آهي جيڪا ڳالهه فتح جو ڪارڻ بڻجي وئي. جنگ دوران مختصر ترين وقت اندر ڪارخانن جا ڪارخانا هڪ هنڌان ٻئي اوپر ڏانهن منتقل ڪرڻ اسان جي مزدورن جو وڏي ۾ وڏو ڪارنامو آهي. جنهن مان ملڪ جي فوجي صلاحيت تمام وڌي ويئي. سويت مردن ۽ عورتن هلندي جنگ ۾ سپاهين کي هٿيار پهچائڻ، ڪپڙا ۽ لٽا ڏيڻ ۽ سڄي قومي اقتصاديات کي جاري ۽ ساري رکڻ جو شاندار ڪارنامو ڪري ڏيکاريو هو. جنگ دوران عورتون ۽ مرد اهڙي طرح گڏجي ڪم ڪري رهيا هئا جو اندازو ٿيندو هو ته سويت يونين وٽ عظيم انساني طاقت موجود آهي. هن ڏس ۾ اسان انهن عظيم عورتن کي به خراج تحسين پيش ڪنداسون جن مردن طرفان محاذ تي وڃڻ ڪانپوءِ پنهنجا سڀ ڪم سنڀالي ورتو هو. بهرحال قوم ان جي عورتن ۽ مردن جي جنگ دوران ڏنل قربانين کي وساري نه ٿي سگهي.

ڪامريڊ دوستو! عظيم محب وطن جنگ ۾ سويت عوام جي وڏي فتح کي ڪميونسٽ پارٽي جي مختلف نموني ۾ بامقصد ڪارروائين کان ڌار ڪري نٿو سگهجي.

پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي هيڊ ڪوارٽر هئي جتي سياسي ۽ فوجي سپريم ڪمان قائم ڪيل هئي. سڄي فوجي لڙاين جي رهنمائي پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي ڪئي هئي. اها ڪميونسٽ پارٽي ئي هئي جنهن لڪن ۽ ڪروڙن جي تعداد ۾ عورتن ۽ مردن کي تيار ڪري انهن جي صلاحيتن ۽ عزم کي اڪيلي مقصد "فتح" لاءِ وقف ڪيو. هن جنگ ثابت ڪري ڏيکاريو ته عوام ۽ پارٽي هڪ آهن ۽ دنيا جي ڪابه طاقت هن اتحاد کي ٽوڙي نٿي سگهي.

پيارا ڪامريڊو! جنگ ۾ ماڻهن جي جيتري تعداد حصو ورتو هو ۽ ڪيترا جنگ جا سورما هت موجود آهن، ان جا سمورا انگ اکر موجود ناهن. هنن جو عمل ۽ هنن جي بهادري وارا ڪارناما سدا حيات ٿي چڪا آهن ۽ اهي علامت طور ياد ڪيا وڃن ٿا. هنن جي ياد اسانجي ذهن ۽ روح ۾ رچجي چڪي آهي.

تاريخي لڙاين ۾ هنن شهيدن جي ياد ۽ انهن لاءِ اسان وٽ قدر اسانجي زندگي جو اخلاقي قانون بڻجي ويو آهي. هي قانون رياست ۽ شهرين لاءِ هڪجهڙو آهي. اسان جا نوان نسل خوش نصيب ٿيندا جن جي وڏن جا اهڙا ڪارناما آهن ۽ هو انهيءَ وقار کي پنهنجو ورثو ڪري ڪٺندا جيڪو هنن کي مليو آهي.

فاشزم تي سوپ اسان کي جنگ جي زخمن وسارڻ ۾ مدد ڏني ۽ اسان جي اقتصادي پيداوار کي ڪيترائي دفعا وڌايو. اڄ اسان فخر ڪري سگھون ٿا ته اسانجي صنعت ۽ زراعت جيڪا پختن بنيادن تي بيھاريل آھي اھا ڪاميابيءَ سان ترقي ڪري رھي آھي. ان ڪري ئي عوام جي زندگي واري معيار ۾ اضافو آيو آھي.

ڪامريڊ دوستو! اھا آھي اسان جي پيداوار واري صورتحال جيڪا اڳتي به جاري رھندي. اسان جي پارٽي جي پاليسي به اھا آھي ته ترقي جاري رھي ۽ عوام جي زندگي جو معيار وڌندو رھي. ھن ڳالھ تي ڇوويھين ڪانگريس ۾ زور ڏنو ويو ھو.

عام طور تي جنگ ڪانپوءِ ٿن ڏھاڪن دوران اسانجي معشيت ۾ عوامي ثقافت جا معيار گھڻي پاڳي تبديل ٿي چڪا آھن ۽ وڌي ويا آھن. ان جي نتيجي ۾ مزدور طبقي، ھارين ۽ دانشورن جو اتحاد پختو ٿي ويو آھي. ملڪ جي سڀني يونين رياستن، قومن ۽ قوميتن ۽ سويت عوام جو سات اڳي کان به وڌيڪ گھرو ٿيندو رھيو آھي.

اسان کي پنھنجي طاقت ۽ صلاحيتن تي ڀروسو آھي ۽ اسان مستقبل ڏانھن وڌي اعتماد سان نھاري سگھون

ٿا. اسان جي فوج امن جي فوج آهي. ان جي آڏو امن ۽ قومن جي سلامتي کي مضبوط ڪرڻ کانسواءِ ٻيو ڪوبہ مقصد ڪونهي.

ڪميونسٽ آدرش اڳي، اڄ ۽ آئنده لاءِ بہ اسانجي طاقت جو سرچشمو آهن. جنگ دوران پارٽي جون وسيع نظرياتي ۽ سياسي ڪوششون اسان جو موثر اوزار هو. اڄ بہ گهرو ۽ بين الاقوامي وڏن مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ اهائي اسانجي طاقت آهي.

اسانجي پارٽي جي پنجويهين ڪانگريس اچڻ ۾ هڪ سال کان بہ گهٽ عرصو وڃي بچيو آهي. سڀئي ڪميونسٽ ۽ سمورو سوويت عوام ان تي سوچي رهيو آهي تہ هن موقعي کي ڪهڙي بهترين انداز سان ملهايو وڃي. پارٽي جي سڏ کي سڻي عوام نائين پنجسالي رٿا ڪاميابي سان پوري ڪري رهيو آهي. ايندڙ ڏهين پنج سالي رٿا جي تياري مڪمل ڪرڻ جو ڪم ويجهو اچي رهيو آهي

سوويت عوام ٿورن سالن اندر انهن مقصدن کي حاصل ڪري ونندو جن جو ڪجهہ سال اڳ تصور بہ ڪري نہ سگهبو هو. اڄ هي ڳالهہ ان ڪري چئي رهيو آهيان ڇاڪاڻ تہ اسان جو ملڪ هڪ وسيع تعميري مرڪز

آهي • سوويت يونين جو بهادر پورهيت طبقو ۽ اسان جا پنهنجي مستقبل تي ناز ڪندڙ نوجوان، ملڪ جي اوڀر ۾ وسيع علائقن ۾ ترقياتي رٿائن کي ڪامياب ڪرڻ ۾ جوڳي مدد ڪندا • اهڙي طرح اسان جي ملڪ جي نقشي تي نوان ۽ وڏندڙ ڪارخانا ۽ شهر ابري ايندا • ڪميونسٽ سماج جا اڏيندڙ نوان نسل تعليم سان ٽمٽار ٿي ابري ايندا •

ڪامريڊو! واقعي اسان آڏو تمام وڏا ڪم رکيل آهن، ۽ انهن کي اسان جو آئنده وارو نئون نسل پورو ڪندو اهو نئون نسل جيڪو اڄڪلهه ڪارخانن ۾ ڪم سکي رهيو آهي، اسڪولن ۾ پڙهي رهيو آهي ۽ فوجي سکيا وٺي رهيو آهي •

پيارا نوجوانو، مرد ۽ عورتون توهان اها ڳالهه دل ۾ رکي ڇڏيو ته ١٩٤٠ع واري نئين نسل عظيم محب وطن جنگ ۾ هيبتناڪ لڙائيون وڙهيون • توهان جو عمل پڻ اهڙو مثال ٿيڻ گهرجي جهڙو توهان جي وڏن جو آهي • پارٽي ۽ عوام جو توهان ۾ ڀروسو آهي ۽ توهان تي مدار آهي •

ڪامريڊو! سوشلزم جي مضبوطي عالمي امن جي مضبوطي آهي، ٣٠ سالن کان سوويت يونين امن ۾ رهندي

آئي آهي. يورپ ۳۰ سالن کان امن واري ماحول ۾ رهندو آيو آهي. هي وڏو ڪارنامو آهي ۽ اسانکي اهو چوندي فخر محسوس ٿئي ٿو ته هن مقصد لاءِ اسان جي لينِنسٽ پارٽي وڏي هٿي ڏني آهي.

هنن سيني سالن دوران اسان لاڳيتي اڻ ٿڪ جدوجهد ڪئي آهي ته جيئن پائيدار امن قائم ٿي سگهي، آزادي، خود مختياري ۽ قومن جي ترقي ٿي سگهي.

اها ڏادي ڏکي جدوجهد ثابت ٿي آهي.

اڄان جنگ جي ميدان مان دونهون به غائب ڪونه ٿيو هو ته اسان کي سرد جنگ سان منهن ڏيڻو پيو. هي جنگ سامراجيت جي نهايت جارحيت پسند حلقن کان شروع ٿي. سوشلسٽ ملڪن خلاف نهايت چيڙائيندڙ ڳالهيون ڪيون ويون، انهي بليڪ ميل شروع ڪئي ويئي، اقتصادي ناڪه بندي ڪئي ويئي ۽ اهڙيون ڪوششون ڪيون ويون ته جنگ ڪري گهٽ ۾ گهٽ دشمن اسان جي اقتصاديات کي عارضي طور به ڪمزور ڪري وجهي. هي سڀ طريقا سامراجيت وارن اڳواڻن شروع ڪيا ته جيئن سوشلزم کي روڪي سگهجي ۽ سوشلسٽ اثر دنيا ۾ جهڪو ٿئي.

پر رجعت پسند طاقتن جا اهي سڀ اندازا غلط ثابت

ٿيا جن کي نظر ۾ رکي هنن سرد جنگ جاري ڪئي هئي. هو سوشلزم کي ٽورو به ڪمزور ڪرڻ ۾ بُري طرح ناڪام ويا.

سوشلسٽ اتحاد جي طاقت جيڪا گڏيل امداد واري ڪائونسل ۽ وارسا ٺاه وارن ملڪن جي هڪ ٿي وڃڻ ڪري قائم ٿي آهي اها بين الاقوامي زندگي ۾ نهايت طاقتور نظام جي صورت ۾ پيدا ٿي چڪي آهي. ان اتحاد جي امن ۽ قومي آزادي واري پاليسي ڪامياب ٿي آهي.

دنيا جي مختلف عوامن جي قومي آزادي وارين تحريڪن جي حمايت، اسرندڙ ملڪن سان دوستي، سڄي دنيا جي ڪميونسٽن سان ڀائپي وارو اتحاد ۽ سڄي دنيا جي پورهيت عوام سان گهرو لاڳاپو اهڙا ليننسٽ اصول آهن جن اسانجي امن پاليسي تيار ڪئي آهي ۽ ان ڪري ئي سڄي دنيا ۾ اسان جو اثر ۽ مشهوري وڌي ويئي آهي.

اڄ نئين صورتحال ۾ بورزوا دنيا جي اڳواڻن کي به اهو محسوس ٿي چڪو آهي ته سرد جنگ هاڻي مدي خارج ٿي چڪي آهي ۽ هاڻي هڪ نئين، وڌيڪ معقول ۽ بهتر پاليسي جي ضرورت آهي. اسان جي امن سان

گڏجي رهڻ واري سڏ جي وراڻي ڪيترن ئي سرمائيدار ملڪن به ڏني آهي .

گذريل ڪجهه سالن ۾ جيڪي ٺاه ڪيا ويا آهن انهن فاشزم تي پاٽل سوپ جي اثرن کي قانوني شڪل ڏيئي ڇڏي آهي ۽ اهڙي فضا پيدا ڪئي آهي جنهن هيٺ سڀيئي يورپي ملڪ ۽ آمريڪا امن سان رهي سگهن ٿا .

جنگ واري عرصي جو تجربو ٻڌائي ٿو ته مختلف سماجي نظام امن ، بين‌الاقوامي سلامتي ۽ جارحيت خلاف وڙهڻ جي سلسلي ۾ رڪاوٽ نٿا ٿين . جنگ دوران اسان پاڻ ۾ اتحاد ڪيو ته جيئن جنگ جلد کان جلد بند ٿي سگهي ، ۽ هينئر اسان ان جهڙوئي ۽ اڃان به ان کان وڌو ڪم هٿ ۾ کنيو آهي . اهو آهي ڪنهن اينڌڙ جنگ کي روڪڻ .

اسان ان حقيقت کي به وساري نٿا سگهون ته ٻي مهاپاري جنگ کانپوءِ به ايشيا ، آفريڪا ، وچ اوڀر ۽ لاطيني امريڪا ۾ جنگ جي باه ٻري آهي . هنن جنگن ۾ لکين ماڻهو مري ويا . هي جنگيون انهن حاڪم طرفان ڪوليون ويون جيڪي قومي آزادي وارين تحريڪن سان مقابلو ڪري نه پيا سگهن . ڇا اهڙين حرڪتن کي آئينده به جاري ٿيڻ جي اجازت ڏيئي سگهجي ٿي ؟ نه .

ڪامريڊ، اجازت ڏيئي نٿي سگهجي.

هينئر وقت اچي ويو آهي ته واسطيدار حلقا هن سولي سچ کي سمجهي وٺن. اسان جي هن دور ۾ قومي آزادي وارين تحريڪن کي ڪچلڻ واريون ڪارروايون ناڪام ٿي ٽٽيون آهن، ۽ ان جو چٽو مثال ويٽنامي عوام جي انهيءَ شاندار فتح مان ملي ٿو جيڪا پرڏيهي مداخلت ڪندڙن ۽ انهن جي چاڙتن خلاف جدوجهد ڪندي حاصل ڪئي ويئي آهي.

هن سوڀ جو سهرو ويٽنام جي محب وطن جي سر تي آهي، جن بهادري ۽ جرئتمنديءَ سان ايڏي ڏکي جدوجهد ڪئي. هيءَ سوڀ، جدوجهد جي مختلف شڪلين جي مهارت واري استعمال جو نتيجو آهي، جن ۾ فوجي، سياسي ۽ سفارتي جدوجهد جا روپ اچي وڃن ٿا. ساڳئي وقت هيءَ سوڀ سوشلسٽ ملڪن جي اثرائتي ۽ مضبوط اتحاد جي به ڪاميابي آهي. هن منجهان هيءَ اهڃاڻ به واضح ٿين ٿا ته، سموري دنيا جي ترقي پسند قوتن جي اخلاقي ۽ سياسي حمايت ۽ همدرديءَ جي ڪيڏي نه وڏي اهميت آهي.

هن خوشيءَ جي وقت ۾، اسين سوويت عوام هن دلي خواهشن جو اظهار ڪيون ٿا ته ڏکڻ ويٽنام جا محب

وطن جمهوري ۽ نون بنيادن تي ملڪن جي نئين سر اڏاوت ۾ عظيم ڪاميابيون حاصل ڪن. اسين چاهيون ٿا ته، ويٽنام جو بهادر عوام قومي بچاءَ، امن ۽ سماجي ترقيءَ جي واٽ تي ڪاميابيءَ سان اڳتي وڌندو رهي.

اسين هيءُ پوري ويساه سان چئي سگهون ٿا ته، هند چين بابت جنگ کي ختم ڪرائڻ لاءِ هندن جو خاتمو، بين الاقوامي فضا کي سڌارڻ لاءِ وڏيڪ حالتون پيدا ڪندو. هن منجهان بين الاقوامي سرچاء جي مقصد کي به فائدو رسندو، جيئن اسانکي اميد آهي ته، اسانجي ۽ آمريڪا جي گڏيل رياستن جي وچ ۾ سرچاء وارن لاڳاپن کي به فائدو رسندو.

امن لاءِ جدوجهد جاري رهندي، هن جدوجهد ۾ ڪي به وقفا يا ساهيون نه هجڻ گهرجن. هرقوم کي حق آهي ته اها دائمي امن ۽ پروسي واري سلامتيءَ هيٺ رهي. هتي امن ۾ ڪابه خاص رعايت نه ٿيڻ گهرجي.

يورپين ڪانفرنس ۾ حصو وٺندڙ يورپ ۾ دائمي امن جي اصولن، هن کنڊ جي رياستن جي وچ ۾ سٺن پاڙيسرين وارن لاڳاپن، سندن وچ ۾ فائديمند ۽ باهمي مفادن لاءِ شڪليون فيصل ڪرڻ بابت اهم دستاويزن کي آخري شڪل ڏيئي رهيا آهن. ڪنهن نه ڪنهن

شڪل ۾ يورپ جو هي تجربو ٻين ڪنڊن جـي رياستن طرفان استعمال ڪرڻ ممڪن ٿيندو.

امـن جي استحڪام لاءِ هٿيارن جـي ڊوڙ کي ختم ڪرڻ ۽ هٿيارن کي گھٽائڻ لاءِ جدوجهد پڻ اڳي کان وڌيڪ اهم ٿي ويئي آهي.

سوويت يـونين ۽ ٻين سوشلسٽ ملڪن جـي لـڳاتار ڪوشش جـي باوجود، جـن ۾ فوجي بجيٽن ۽ فوجـي تياريـن ۾ گھٽتائـي ڪرڻ لاءِ ڊگهي عرصـي کان زور ڏنو پيو وڃي، دنيا ۾ حد کان وڌيڪ هٿيارن جي ڊوڙ جاري آهي.

ساڳئي وقت هٿيارن جي هيءَ ذخيره اندوزي، جن ۾ تباه ڪندڙ هٿيار به شامل آهن، وڌيڪ بـي معنيٰ ثابت ٿي رهي آهي.

ايٽمي ميزائيل جنگ جي ابتدا، خود اڳرائي ڪندڙ جي لاءِ ئي ڪنهن به حالت ۾ تباهي ۽ بربادي آڻيندي. جيڪي جنگ ۾ شامل ئي نه هوندا، تن جو نه ذڪر ئي ڪهڙو ڪجي! هي پڻ چٽو آهي ته هڪ ئي وقت بين الاقوامي سرچاءُ ۽ رياستن جي فوجي سگهه جو لـڳاتـار واڌارو ۽ هٿيارن جي ذخيره جو ڦهلاءُ ڊگهي عرصي تائين گڏو گڏ

هلڻ ناممڪن آهي.

اهوئي ڪارڻ آهي جو، هٿيارن ۾ گهٽتائيءَ آڻڻ لاءِ هروقت ڳالهيون ڪرڻ ئي ڪافي ناهن، هيءُ وقت آهي ته، رياستن جي فوجي تيارين ۾ گهٽتائي آڻڻ بابت ٺوس ڏاهه ڪيا وڃن. سوويت يونين انهيءَ لاءِ ڪم ڪري رهي آهي.

ساٿيو، اسان جي پارٽي جي لڳاتار اصول واري ۽ مقصد واري امن پاليسيءَ جي نتيجي ۾، سوشلسٽ دنيا جي قوت جي وڌندڙ توازن، سگهه ۽ اثر جي نتيجي ۾، هڪ ٻي مهاڀاري جنگ لڳڻ جو خطرو پوئتي هٽي ويو آهي، ۽ اسين هن خطري کي بنهه ناس ڪرڻ لاءِ هر ڪوشش جاري رکنداسين.

امن جي مقصد لاءِ وڙهندي، جن گذريل عظيم جنگ ۾ جانيون ڏنيون، تن جي ياد ۾ عوام ڏانهن اسان جو فرض ۽ جوابداري آهي ته، پارٽيءَ جي پاليسي جي پوئواري ڪندي ڌرتي تي دائمي امن لاءِ ڪوشش کي اڃا وڌيڪ تکو ڪريون. هن عظيم الشان ۽ نهايت ضروري جدوجهد ۾ سوويت يونين ۽ ٻيا سوشلسٽ ملڪ سدائين پهرين صفن ۾ هوندا.

پيارا ساٿيو، سوپ جي موڪل جو ڏينهن، ر ڳو

اسان جي فوج جي قابل فخر ھجڻ جو ڏينھن نہ آھي، اسين اڄوڪي ڏينھن تي جن جذبن سان سرشار آھيون، تن ۾ آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ لاءِ ۽ دنيا جي مڙني ڪندڙن ۾ پرامن زندگيءَ لاءِ وڙھندڙ بہ پا ڳي ڀاڱيوار آھن.

مونکي اجازت ڏيو تہ مان، سويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي، سپريم سوويت جي پريزيڊيم ۽ يونين آف سوويت سوشلسٽ ريپبلڪس جي وزارتي ڪائونسل پاران سمورن سوويت مردن ۽ عورتن کي، پنھنجي مڙني پرڏيھي دوستن کي ھن سوڀ واري عظيم ڏينھن تي دلي مبارڪون ڏيان.

اسين جنگ ۾ شريڪ ٿيندڙ جھونن ڏانھن، بھادريءَ سان مھاڳي ۾ ٿي وڙھندڙن ڏانھن، ساٿين ۽ زير زمين ڪارڪنن ڏانھن، انھن مردن ۽ عورتن ڏانھن، جن محاذن جي پٺيان بي غرضيءَ سان ڪم ڪيو ۽ انھن مڙني ڏانھن جن جي پگھر ۽ رت اسان جي لاءِ سوڀ جي خوشيءَ پرڏي سرھي وقت آڻڻ ۾ مدد ڪئي، پنھنجون واڌايون پيش ڪيون ٿا.

اسين انھن کي بہ مبارڪون موڪليون ٿا، جن تباہ ۽ ناس ٿيل شھرن ۽ ڳوٺن کي نئين سر اڏايو ۽ قومي اقتصاديات کي بحال ڪيو. انھن سڀني کي مبارڪون

جن جنگ ڪانپوءِ جي عرصي ۾ ملڪ کي تهذيب، سائنس، فني ۽ اقتصادي ترقيءَ جي نئين چوٽيءَ تي پهچايو.

اسين پنهنجن سهڻن نوجوانن کي به مبارڪون ڏيون ٿا، جيڪي پوري شان ۽ ٺٺ سان پنهنجن وڏن ڪان مليل جدوجهد ۽ پورهئي جي روايتن کي ڪمينسٽ اڏاوت ۾ اڳتي وڌي رهيا آهن.

اسين ملڪ جي فوجن کي به مبارڪون ڏيون ٿا، جيڪي پوري پروسي سان سوويت عوام جي پرامن پورهئي جي نظرداريءَ لاءِ اڏول ٿي بيٺيون آهن.

مان پنهنجي دل جي گهرائيءَ سان، هر خاندان جي خوشي، سالم تندرستي ۽ ملڪ جي هر عورت ۽ مرد جي ڪاميابي لاءِ پرپور خواهش ظاهر ڪيان ٿو. اسان جي ڌرتيءَ کي جنگ جا پنيث وري ڪڏهن به نه ڇهندا!

سوويت عوام جو ڳات اوچو رهي، جيڪو سوپارو عوام آهي.

سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽي زنده باد، جنهن اسان جي مڙني سوين کي منظم ڪيو ۽ اتساه ڏنو.

سڄي دنيا ۾ امن جو راڄ رهي.

ڪميونزم زنده باد

(ليونڊ برزنيف جي تقرير پوري ڏيان سان ٻڌي ويئي ۽ تاڙين جي گونج ۾ واڪاڻي ويئي.)

# اپيل

فاشزم تي سوڀ پائڻ جي ٣٠ هين سالگره جي موقعي تي سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي، سپريم سوويت جي پريزيڊيم ۽ سوويت يونين جي حڪومت دنيا جي مختلف ملڪن جي عوامن، پارليامينٽن ۽ حڪومتن کي هيٺيون سڏ ڏنو آهي:

اڄ کان ٽيهه سال اڳ دنيا جي تاريخ جي سڀ کان وڏي رتوڇاڻ ڪندڙ ۽ تباهي آڻيندڙ جنگ پوري ٿي. هن جنگ ۾ فوجي ڪارروائن ۽ فاشزم تي پاتل سوڀ انسانذات جي آئيندي لاءِ شاندار نشان ڇڏيا آهن. صدين تائين هن جنگ آزادي پسند انسانن لاءِ فخر ۽ ڏک وارن جذبن کي سهيڙي رکيو آهي. فخر ان تي آهي ته انهن طاقتن کي مڪمل طور تي ناس ڪيو ويو جيڪي فاشزم، نسل پرستي ۽ جارحيت واري قوم پرستي وارن

ڪارڻ جھڙين سان سڄي دنيا جي قومن کي غلام بڻائڻ جي لاءِ اڳتي آيون هيون. ڏک جي ياد ان ڪري اڃا رهي آهي ڇاڪاڻ تہ فتح حاصل ڪرڻ لاءِ وڏ ۾ وڏ جانيون قربان ڪرڻيون پيون هيون. هي قيمت ڪيترن ئي ماڪن ۾ آيل وڏي پيماني واري تباهي، بربادي ۽ اتي جي لکين مردن، عورتن ۽ ٻارن جي حياتين سان ادا ڪئي ويئي. پهتل نقصان جا انگ اکر تمام وڏا ۽ قرباني جو تعداد اڻ ڳڻيو آهي پر اهو سڀڪجھہ رائگان نہ ويو.

هٽلري جرمني ۽ جپاني فوج خلاف وڙهندڙ سڀني ڪنڊن جي سپاهين، امن پسند پادرين، مزاحمت وارن جٿن، فاشسٽ دشمن زير زمين فوجن، پٺين محاذن تي سوڀ لاءِ وڙهندڙن مان ڪنهن بہ پنهنجي ڌرتي جي بچاءَ، پنهنجي آدرشن، گهرن ۽ ڪٽنبن جي حفاظت لاءِ جان ڏيڻ ۾ ڪابہ ڪسر نہ ڇڏي. هنن پلي خاطر فاشزم ۽ فوجي ڪارروائين کي ختم ڪرڻ پئي گهريو ۽ انسان ذات کي هميشہ جي لاءِ جنگ جي خطرن کان ڇوٽڪارو ڏيڻ لاءِ عظيم جنگ ۾ ٽپو ڏنو ۽ پائيدار، انصاف تي ٻڌل ۽ جمهوري امن لاءِ فتح پائڻ جون اميدون رکي اڳتي قدم کنيو ۽ هاڻي هنن جي بهادري واري جدوجهد پنهنجا ڪارآمد نتيجا دنيا ۾ آيل وڏين تبديلين جي روپ

۾ ظاهر ڪيا آهن. اهڙي طرح دنيا جي تاريخ ۾ پهريون دفعو سماجي ۽ سياسي نوعيت جون عظيم تبديليون اچي چڪيون آهن ۽ انسان ذات لاءِ جنگين تي هميشه لاءِ بندش وجهڻ جون ظاهري حالتون پيدا ٿي چڪيون آهن.

ٻي مهاڀاري جنگ جي هيءَ ٽيهين (٣٠هين) سالگره خاص موقعو آهي. اسان هي موقعو نئين ۽ وڌيڪ آزادي واري فضا ۾ ملهائي رهيا آهيون. هينئر ڏوري ۽ سڄي دنيا ان عظيم مقصد کي پوري ڪرڻ لاءِ تمام ويجهڙا اچي ويا آهن. جنهن لاءِ هٽلر دشمن اتحادي فوجن ڪوششون ڪيون هيون. دنيا جي مختلف ملڪن وچ ۾ ناتن لاءِ هاڻي اهي اصول وڌ ۾ وڌ رائج ٿي چڪا آهن جن هيٺ ملڪن جا ناتا، برابري، خود حاڪميت ۽ طاقت جي زور کي ٽارڻ تي مدار رکن ٿا. هن مقصد جي راه ڪا آسان ڪانه آهي، هن مقصد واري ڏکي جدوجهد گذريل ٽيهن سالن کان برابر جاري آهي ۽ اها هينئر تائين ختم نه ٿي آهي.

صدين تائين سرد جنگ امن جي اڏاوت ۾ رڪاوٽ پئي پيدا ڪئي آهي. جارحيت ڪندڙ ۽ رجعت پسند طاقتون شروع کان وٺي عوام ۽ سماجي ترقي جو دشمن ڪم جاري رکيو آهي. ان ڪري اهڙي هٿيارن جي

ڊوڙ شروع ٿي آهي جنهن جو ماضي جي تاريخ ۾ مثال نٿو ملي ۽ جنهن جو بنياد سائنسي ترقي تي رکيو ويو آهي. هن تبديلي دنيا کي هڪ دفعو وري نئين فوجي خطري واري چوواٽي تي اچي بيهاريو آهي.

اسان کي حقيقتن کي وسارڻ نه گهرجي ته گذريل ٣٠ سالن دوران ڪڏهن هڪ ته ڪڏهن سڄي دنيا جا علائقا رت ۾ ريٽا ٿي چڪا آهن، دشمن سان مالا مال ٿي چڪا آهن ۽ اهڙي طرح لکين جانيون ضايع ٿيون آهن. اڄ به عرب ۽ دنيا جا ٻيا ڪيترائي عوام ان تي مجبور ٿي ويا آهن ته هو رجعت پرست طاقتن خلاف جدوجهد ڪن. انصاف تي ٻڌل امن، آزادي ۽ خود مختياري واري فضا ۾ پنهنجي ترقي جي امن پسند راه وٺڻ لاءِ هنن کي هٿيار به کڻڻا پيا آهن.

ٻي مهاڀاري لڙائي کانپوءِ سوشلسٽ ملڪن ۽ انهن ملڪن جي ڪوشش سان ائٽمي راڪيٽن جي استعمال تي بندش وڌي ويئي آهي جيڪي امن چاهين ٿا ۽ ان لاءِ وڙهي رهيا آهن. هن ڏس ۾ مغرب جي حقيقت پسند ٽولن پڻ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.

سوويت عوام جي عظيم سوڀ جي ٣٠ هين سالگره جي موقعي تي ڪميونسٽ پارٽي، سوويت يونين جي

سپريم سوويت ۽ سوويت يونين جي حڪومت دنيا جي مختلف ملڪن جي عوام، پارليامينٽن ۽ حڪومتن کي اپيل ڪري ٿي ته انسان ذات جي ڀلائي لاءِ سرد جنگ کي پنهنجو ڏنو وڃي. بين رياستن ۽ عوام جي اندروني معاملن ۾ مداخلت ڪرڻ ختم ڪئي وڃي ۽ اهڙيون ڪوششون ڪيون وڃن جيئن انسان ذات کي پنهنجي آئينده ۾ اعتماد جاڳي ۽ ڌرتي تي پائيدار ۽ مضبوط امن قائم ڪرڻ ۾ هٿي ملي.

اڳيئي ٽيهن سالن کان انسان ذات کي عالمي جنگ کان نجات ملي چڪي آهي. هي انهن امن پسند انسان ذات جو ڪارنامو آهي جن جي اهميت اڄ انسان ذات جي ضمير ۾ گهر ڪري ويئي آهي. گذريل ڪجهه سالن ۾ امن کي مضبوط ڪرڻ جون جيڪي ڪوششون ڪيون ويون آهن، انهن جهڙي ڪوشش اڳي ڪڏهن به نه ٿي آهي. سوشلسٽ ملڪن جي لاڳيتين امن پسند پاليسين، سڀني ملڪن جي جمهوري طاقتن جي جدوجهد ۽ سرد جنگ جاري رکڻ وارن خطرن کي محسوس ڪندڙ حقيقت پسند انسانن جي ٿي ڪوششن سان اڄ جي بين الاقوامي صورتحال تيزي سان تبديل ٿي چڪي آهي. بين الاقوامي سرچاءُ قائم ڪرڻ لاءِ تاريخي اهميت جا ڏاه صحيح ڪيا ويا آهن. دنيا جي ٻن وڏين طاقتن

آمريڪا ۽ سوويت يونين طرفان ائٽمي جنگ کي ٽارڻ ۽ خطرناڪ هٿيارن کي محدود ڪرڻ لاءِ خاص اهميت جا اپاءَ ورتا ويا آهن. سوويت يونين ۽ فرانس، سوويت يونين ۽ اولهه جرمني، ٻين سوشلسٽ ملڪن ۽ اولهه جرمني وچ ۾ ۽ اولهه برلن وارو گهڻ ڏريو ناه ٿي چڪو آهي ۽ اهڙي طرح خطرناڪ هٿيارن کي محدود ڪرڻ لاءِ ڀرپور قدم کنيا ويا آهن. هن جي نتيجي ۾ موجوده بين الاقوامي جهڳڙن کي پرامن طور حل ڪرڻ لاءِ اپاءَ ورتا پيا وڃن.

سرحدن جي ڀڃڪڙي نه ڪرڻ، جهڳڙن جا حل ڳالهين وارين ٽيبلن تي حل ڪرڻ، لاڳيتو صلاح مشورا ڪرڻ، ڊگهي مدت وارا اقتصادي ناه ڪرڻ، سائنس ۽ ثقافت جي ميدان ۾ ڪيل ڪارنامن جي ڏي وٺ ڪرڻ جهڙن اصولن کي اڄ اڳي کان وڌيڪ مختلف سماجي نظامن وارن ملڪن ۾ رائج ڪيو پيو وڃي.

سڀني يورپي ملڪن جي گڏيل ڪانفرنس مڪمل ٿيڻ تي آهي، هي واقعو يورپ جهڙي انهيءَ کنڊ ۾ اڳي ڪڏهن به نه ٿيو آهي، جيڪو ٻن مهاڀاري لڙاين جو ميدان بڻجي چڪو آهي ۽ ڪيترين ئي صدين کان وٺي ڀرندڙ بين الاقوامي تضادن جو گهر رهيو آهي. هن ڪانفرنس جي ڪاميابي ۽ ان ۾ ڪيل سفارشن تي عمل

ڪرڻ سان يورپ جي زندگي ۾ هڪ نئون مرحلو پيدا ٿيندو جيڪو امن ۽ معقول سوچ کي هٿي ڏيندو. هي تبديلي سڄي دنيا ۾ بين الاقوامي ناتن تي به سٺو اثر ڇڏيندي.

دنيا جي گولي تان سڄو سنئون بيٺڪي راڄ ختم ٿيو ويو آهي جيڪو دنيا ۾ لاڳيتي ڇڪتاڻ جو سبب هو ۽ جنهن ڪري قومي آزادي واري جدوجهد کي قانوني ڪري هلايو ويو. آخري بيٺڪي شهنشاهيت پورچوگال به ٽٽي چڪي آهي.

هي سڀ تبديليون امن ۽ ترقي لاءِ عوام جي امنگن جو ڪارناما آهن. انهن تبديلين ثابت ڪيو آهي ته دنيا جي ملڪن وچ ۾ جنگيون ختم ٿي وڃڻ يوٽوپيا سوچ ناهي پر هڪ سچو پس منظر آهي جنهن جو مقصد ماڻهن جي لائق آهي. پرامن طور گڏجي رهڻ وارن اصولن تي بين الاقوامي ناتن جي پيهر اڏاوت جو ڪم شروع ٿي ويو آهي. هن ڪم کي جاري رکيو وڃي ۽ ان جي پڄاڻي آندي وڃي. هن ڳالهه جي ضرورت جانيون ڏيندڙ سرويچن جي ياد ۽ زنده ماڻهن جي مفاد ۾ آهي.

اڄوڪي دور ۾ انسان ذات جي سماجي ترقي لاءِ امن وارو شرط اهو آهي ۽ اهو حق ڏيڻ ضروري آهي ته

ماڻهو پنهنجي مرضي مطابق پنهنجي زندگي جوڙي سگهن. گذريل ۳۰ سالن ۾ اهوئي ثابت ٿيو آهي ته امن واري صورتحال ۾ موجوده سائنس ۽ ٽيڪنالاجي واري ترقي واڌو پيداواري قوتن کي ملڻل تقويت عوام جي مادي ثقافت ۽ زندگي ۾ تبديلي جو ڪارڻ بڻجي ٿو. سائنس ۽ ٽيڪنالاجي وارو انقلاب ڌرتي تي ماڻهن جي رهڻ واري حالت کي بهتر بڻائڻ ۾ مدد ڏئي ٿو. گذريل ۳۰ سالن ۾ آيل وڏين سماجي تبديلين ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته انسان دشمن رجعت پرست طاقتن جو خاتمو ڪري سگهجي ٿو ۽ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي واري انقلاب جا ابتا نتيجا ٽاري سگهجن ٿا. ٻي مهاڀاري جنگ کان وٺي اڄ تائين ڪيترن ئي ملڪن جي عوام جا ڪارناما وڏي اهميت رکن ٿا. اهي ڪارناما اڃان به وڏي عظمت جا ثابت ٿين ٿا جيڪڏهن انهن گڏيل طاقتن ۽ عقل وارن وسيلن کي تعميري مقصد لاءِ استعمال ڪجي ها جيڪي موت جي اوزارن ۽ تباهي تي خرچيا ويا آهن.

بهرحال دنيا جو نهايت وڏو اثر رکندڙ قوتون ان لاءِ جاکوڙ ڪري رهيون آهن ته پائيدار امن جي راهه ۾ هرڪنهن رڪاوٽ کي دور ڪيو وڃي. دنيا ۾ اڄ غير رواجي طور تي ائٽمي راڪيٽ سميت هٿيارن جا بيحد وڏا ذخيرا گڏ ڪيا ويا آهن. هٿيارن جي ڊوڙ جاري

آهي. هي سڀ ڳالهيون وڏي تشويش جو باعث آهن ۽ انهن ڪوششن جي ضرورتن تي زور ڏين ٿيون جن ۾ امن لاءِ جدوجهد ڪئي وڃي، هٿيارن جي ڊوڙ کي ختم ڪيو وڃي ۽ هٿيارن کي گهٽايو وڃي ته جيئن جنگ لاءِ ٿيندڙ مادي تياري کي گهٽائي سگهجي.

سوويت عوام ۽ رياست جن فاشزم کي ختم ڪرڻ جو وڏ ۾ وڏ بار کنيو آهي سي هڪ دفعو وري اهو عزم ڪن ٿا ته هر ممڪن ڪوششون ڪيون وينديون ته جيئن انسان ذات جي زندگي ۾ جنگ تي پابندي وڌي وڃي.

سيئي سوويت عوام جي امنگن ۽ خواهشن پٺاندڙ اسان هنن ڪمن لاءِ جدوجهد جاري رکنداسون:-

مختلف سماجي نظام جي باوجود دنيا جي مختلف ملڪن جي وچ ۾ بين الاقوامي ناتن کي پرامن گڏجي رهڻ وارن نظرين تي قائم ڪرڻ.

بين الاقوامي سرچاءَ کي جاري رکڻ.

هر قسم ۽ هر نموني جي هٿيارن جي ڊوڙ بند ڪرڻ، محدود ڪرڻ ۽ هٿيارن کي مجموعي طور گهٽائڻ بابت تيز ڪوششون ڪرڻ.

موجوده فوجي گادين کي ختم ڪرڻ ۽ هر ملڪ لاءِ

آزادي ۽ ھڪجھڙي سلامتي سان رھڻ واري اصول جي حمايت ڪرڻ.

علاقائي ۽ عام سلامتي جا ڍانچا تيار ڪرڻ ۽ سيني ملڪن وچ ۾ سھڪار وڌائڻ.

اقتصاديات، سائنس، ٽيڪنالاجي ۽ ثقافت وارن شعبن ۾ گڏيل مفاد وارو سھڪار ڪرڻ ۽ ان حق جي مڪمل حمايت ڪرڻ تہ ھرھڪ ملڪ پنھنجي قدرتي ذريعن، قانون ۽ روايتن جي حفاظت ڪري.

عالمي سياست ۾ سيني ملڪن جي عوام طرفان ھڪجھڙائيءَ جي بنياد تي شرڪت واريون موثر ضمانتون ڏيڻ، جديد بيٺڪيت کي ختم ڪرڻ ۽ ھرقسم جو امتياز بند ڪرڻ.

اھڙي بين الاقوامي فضا قائم ڪرڻ جنھن ۾ جارحيت ڪندڙ ۽ تلوار جي مدد سان فوجي ڪارروايون ڪندڙ ھر ملڪ کي ھر ھنڌ منھن ٽوڙ جواب ملي ۽ اھڙي طرح سيني ماڻھن کي پنھنجي بھتر آئيندي ۾ يقين ٿي وڃي.

٢٥ ڪروڙ سوويت عوام پاران، ھن ڌرتي جي آئينده سان پيار رکندڙ ماڻھن کي اسان اپيل ٿا ڪريون تہ اھي ھرممڪن ڪوششون ڪن تہ جيئن ھن ڌرتيءَ جو گولو پرامن ھجي.

پائيدار امن ۽ عوام جي آزادي جـي اڏاوت جنگ ۾ شهيد ٿيل عظيم انسانن جو عظيم يادگار آهـي ۰ پـائيدار امن ۽ عوام جي آزادي اهـو عظيم آدرش آهـي جنهن فاشزم خلاف انهيءَ جنگ ۾ شهيد ٿيلن کي انساه ڏنو جيڪا اڄ اسان کي انساه ڏيئي رهي آهي ۰

اچو ته هر ممڪن ڪوشش ڪريون ته جيئن هي آدرش انسان ذات جي زندگي جو قانون بڻجي وڃي ۰

اسان هي اپيل سڄي دنيا جـي عـوام ، پارليامينٽن ۽ حڪومتـن کي ڪري رهيا آهيون ۽ سڀ کان اڳـ انهن عوامـي نمائندن کي سڏ ڏيئي رهيا آهيون جيڪي بين الاقوامـي سطح تـي پنهنجن ماڻهن ۽ ملڪن جـي نمائندگي ڪن ٿا ، پائيدار ۽ اعتبار جوڳي امن لاءِ اسان هنن جي جواب ۽ عمل جو انتظار ڪري رهيا آهيون ۰

سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽي جي
مرڪزي ڪميٽي ۰

سوويت يونين جـي سپريـم سوويت جـي
پـريـزيـڊيـم ۰

سوويت يونين جي حڪومت ۰